کارو اَمرت

شريچند دُبي ”جگري“



ڪارو آمُوت

(غزل سنگرهہ ۽ دوها)

شريچند دُبي ''جگري''

پرڪاشڪ :
شريچند دُبي ''جگري''
ميرا پئليس، ايس.ٽي. پٺيان،
سِڌ هنومان مندر سامهون،
امبيڪانگر، جهوناڳڙهہ.

نجي طرفان...

منهنجي ساهتيڪ ياترا ڪافي ننڍي عمر کان شروع ٿي، ناسمجهه
ان پيو پڙهندو هوس ۽ لکڻ به شروع ڪيو. مئٽرڪ ۾ پهچندي پهچندي
ناب ڇپجي ويا. ننڍا ناول، ٻال ڪهاڻيون ڪافي لکيون، اُن کان پوءِ
ب ۾ رس جاڳيو ۽ لکندو ويس بنان ڪنهن علم جي ڄاڻ کان سواءِ
ندي...وغيره ۽ اُهو سڀ ڇپيو به.....!!

ڄاڻ، مونکي ته هو شوُق، نه ڪافيو جي، نه رديف جي نه بحر وزن
ڄاڻ هئي فقط شوُق...

ه ڪوئي اُن وقت ۾ ويجهو رهبر مليو جو رهنمائي ڪري، وقت گذرندو
ج ۾ ١٥ کان ٢٠ سال کن مان به مانٽ ٿي ويس، جو هڪ ئي وقت وڏي
ڪٽنب جون جوابداريون اچي مٿان پيون، آرٿڪ اِستٿي به برابر نه
خير، اُنهن ڳالهين سان نڀايم وري ١٩٩٧ کان نئون رنگ روپ ڪٽي
روع ڪيم اُن وقت سائين شري اِندر ديو پوڄواڻي ۽ جو ”علم عروض“
ب هٿ لڳو، اڪيلي سر اڀياس ڪيم بحر وزن تي لکڻ جي ڪوشش
پر جيئن ته درسي ڪتاب هجڻ کانپوءِ به اُستاد جي ضرورت هوندي
ان انوسار شري ڪمل ”پياسي“ ۽ هٿ ڇهليو خطن رستي نيم، بحر،
حي گرامر تي سيکاريو اڀياس لاءِ سُنا سُنا ڦڙاڻا، نوان ڪتاب شاعري ۽
هنجي جيب مان پوسٽ خرچ ڪري موڪليندا رهيا. سهٽيون سنيون
ن ملڻ لڳيون، اُن کانپوءِ منهنجو چاچو شري لڇمڻ دُبي جو بمبئي ۽
جهونا ڳڙهه رهڻ آيا، بس، پوءِ ته چا کپي جڻ ته گهر ۾ گنگا وهڻ
ٽي ويئي، اُن دوران جهونا ڳڙهه ۾ اڪادمي ۽ پاران مُشاعرا وغيره ٿيا،
جو ڪنوينر به مان ئي هوس سيمينار وغيره اُنهن ۾ سُٺن سُٺن شاعرن،
سان به گڏجاڻي ٿي، بس، پوءِ ته چا چئجي، اُتي ”حاسد“ صاحب
مُلاقات ٿي. ”حاسد“ صاحب جي آشيرواد ۽ رهنمائي ۽ رنگ لاتو
ئي هڪ هڪ رچنا ڏنائون وقت ڪڏي روبرو خطن ذريعي سيکاريائون
به اُها ئي مهر مون مٿان آهي. جنهن سبب مان شاعري ۽ ۽ سنڌي
ي دُنيا ۾ صحي نموني پير ڪوڙي سگهيس.

KHARO AMRUT

(Collection of Gazal & Doha)

Written by	:	Shrichand Dubey "Jigri"
Copy Right	:	Miss Mira Dubey
Adition	:	Second
Year & Publicatian	:	October 2005
Price	:	Rs. 60-00
Writers Adress	:	Mira Palace, Behind S.T. Opp. Siddh Hanuman Mandir, Ambicanagar, Junagadh-362002. Mobile : ~~9825746949~~ 9427974938
Published by	:	Shrichand Dubey "Jigri"
Composed by	:	Kanaiya Graphics C-47, Opp. M.D. High School, Near Arya Samaj, Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345 . Mobile : 9925359021

کارو اَمرت

(غزل سنگرهہ ۽ دوها)

شاعر	:	شريچند دُبي ’’جگري‘‘
حق واسطا	:	شريمتي ميرا دُبي
دفعو	:	ٻيون
سال	:	آڪٽوبر ٢٠٠٥
قيمت	:	٦٠ رپيا
ليک جو پتو	:	ميرا پئليس، ايس.ٽي. پٺيان، سِڌ هنومان مندر سامهون، امبيڪانگر، جهوناڳڙهہ- ٣٦٢٠٠٢
پبلشر	:	شريچند دُبي ’’جگري‘‘
ڪمپوز	:	ڪنعيا گرافڪس سي-٤٧، ايم. ڊي. اِسڪول جي سامهون، آريہ سماج جي پاسي ۾، سهجپور بوگها، احمدآباد- ٣٨٢٣٤٥. Mobile : 9925359021

”شناس“

دُبي جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”ڪارو اَمرت“ توهانجي هٿن ۾ آهي.
هہ ڏکيو ڪجهہ سؤلو فن آهي. ڪيترن ئي سالن کان ڪيترائي شاعر لکندا رهيا
صرف شوق خاطر، اِن فن کي سمجهڻ لاءِ سندن شروعاتي ڪوشش بہ چڻ ڪنهن
صل ڪرڻ جو ذريعو لڳندو آهي. شعر جي مرم کي سمجهڻ کان اڳ، شاعر پاڻ
ي، اڄ جي وهنوار ۾ اُتڻ وهڻ جي چمڪندڙ شماع کي بہ هوند محسوس ڪري
ي صرف لفظن جو جُزاءُ ڪونهي. موزون شاعريءَ لاءِ تہ ڇند وزن جي ڄاڻ بلڪل
. پر صرف ڇند وزن جي ڄاڻ، شعوُر کان سواءِ، اَحساس کانسواءِ، ڪجهہ بہ اُٿي نہ
مير ۽ فڪر بہ نهايت ضروري آهن. ڪا ڏڪندڙ لهس، ڪا دکندڙ چٽنگ هجي،
ئي آهي.

جي تهذيب، ٻولي، سيپتا، ڪنهن ڇڙواڳ دؤر مان گذري رهي آهي. نہ
نہ ڪو ريت رواج، صرف ڪا چمڪ ڏمڪ وڏو ڪم ڪري تي وڃي. ٻوليءَ جي
ڪانهي. پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان بہ آر ڪري رهيا آهيون. اِن دؤر ۾ شاعر جي
ٽپ، مشڪل ڪم آهي، جيڪو بہ لکجي رهيو آهي اِهو پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارو بہ
تو ملي. تڏهن بہ ڪيترائي شاعر آهن، جيڪي لکندا رهيا آهن. سريچند دُبي
هہ صداقت ۽ سادگيءَ پريو ڏيئي سگهيو آهي، ڪٿي ڪٿي تہ ڇُهي بہ تو. مان
شعر توهان اڳيان پيش ڪري، سندس ڪو اولڙو پسائڻ چاهيان تو.

سارَ سڄڻ جيِ منهنجي من ۾
تجلو اَهڙو، چڻ ڪو تارو
پيتو آ مون رشتن مان ئيِ
لڙڪن جو هيِ اَمرت ڪارو

ديوانو مست آهيان، ساريان تو سنڌ کي جي
اَهڙا ڪي شخص هاڻي، تورائيِ ڏسبا آهن.
سڄ ڇئجو پرک رکجو، سنسار هلندو رهندو
منهن ۾ نہ گُهنج وجهجو، ڪوُڙا سي سڏبا آهن
ٻولي آ ماءُ جي جان، تنهن تي تہ ناز رکجو
ڦيري اکيون نہ ڇڏجو، دلدارَ ڪُسبا آهن

پڳتي رس بہ ماڻيون !
تون آيو آهين پيرَ پري
شل پائڻُ تنهنجو پاڳُ وري
ڏُکَ پيڙائون سڀ مون کي ڏي تون
سرهو ٿيندين صبر ڪري
سڪ سان جي مالڪ ياد ڪندين
پوءِ منزل آهي ڪانہ پري

رُخ ڏسو :

ڇو باهہ حسد جي ٻاري تو

باقي تہ ھي غزل سنگرھہ ۽ دوھا ”کارو امرت“ توھانجي ھٿن ۾
ھن واٽ جو اجان تہ مان ھڪ ننڍڙو پانڌيئڙو آھيان، ضرور ڪي ڪچ
فڪايون ھونديون اُن ڏانھن ڌيان ڇڪائيندا تہ آئينده لاءِ اُھي سُڌار
ڪوشش ڪندس.

سچائي بيان ڪندي مان ھٻڪندس ڪينہ، جو منھنجي ھرھڪ
بلڪل سچائيءَ جي ويجھو آَتوَ، جيڪي ڀوڳيو اٿم، انيوَ ڪيو اٿم ۽ ج
ھينئر حالتون آھن ۽ باقي منھنجا اُڌما آھن، ڪٿي بہ ڪالپنڪ ڳالھ
جي گھٽ ڪوشش ڪئي آھي. (چند غزلن کي ڇڏي) سنگره ۾ ڪ
ڇپيل، تہ ڪي اڻ ڇپيل آھن، ڪوشش ڪري ڪتاب ننڍڙو ئي ڇپاي
سبب پنھنجي خرچ سان ڇپائڻو آھي ۽ وري ھينئر وڏا گرنٿن جيڏا
ڪتاب پڙھڻ جي فرصت ڪنھن کي آھي؟ زمانو ئي بدلجي ويو آھي
مان پاڻ وڏن ڪتابن مان لطف ماڻڻ کان وڌيڪ پريشاني محسوس
آھيان. جو اڌ ۾ ڇڏڻ بہ دل نہ ٿيندو اٿم.

بلڪل سؤلي ۽ سلوٽي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو اٿمِ، جيئن عام پ
کي بہ شاعري پلئہ پوي. ھرو ڀرو اُرڊو ۽ پارسي لفظ اِستعمال ڪرڻ،
معنيٰ ڏکيا لفظ واپري پنھنجي فن جو مظاھرو ڪرڻ جي ڪوشش نہ
اٿم.

ھن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مان شڪر گذار آھيان شري گوبند ريجھ
شري وشنو ٽلواڻي، شري لڇمڻ دبي، شري دلپت آھوجا، شري
ريلواڻي، شري ارجن ”حاسد“ ۽ شري ڪمل ”پياسي“ءَ جو.

ھاڻ مان پنھنجن خيالن ۾، رچنائن ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آھي
تہ اوھان کي فيصلو ڪرڻو آھي. ڪتاب توھانجي ھٿن ۾ آھي.

توھانجو رايو منھنجي رھنمائي ڪندو.

- شريچند ڏُبي ”جگ

"Mira Palace", Ambicanagar,
Opp. Shri Siddh Hanuman Mandir,
Behind S.T., Junagadh-362002 (Gujarat)
Ph. : ~~9825748949~~
9427974938

رشتو ڪانوَ ۽ ڪويل وارو
بي سُرو ڍڪُ، ٻئي منڙو ڳاتو
بدتر حالت آهي اَڄ جي
’جگري‘ بند ڪر پنهنجو ڪاتو
ڪنڌ ورائي ڀڄندو ڀوڙو
ڀاڻيءَ ۾ هٽندو ڦاڦوڙو
پهرين ست کان ٻين ست ڪيترو پري آهي ۽ وري ڪيئن نه جڪڙيل آهي، پڪي پختي
آهي، پهرين ست پڙهڻ کانپوءِ توهان Guess ڪري نه سگهندا ته پوءِ واريءَ ست ۾
ڙو قافيو هوندو. اِهائي شاعر جي پنهنجي نجي، اَلڳ سوچ آهي.
ٻنِ ڪمائيءَ ساڏن جهڙو
ماڻهو آهي تڪڙو گهوڙو
رشتا جُڙندا هاڻي حسابي
لڳندو ڪين اُنهن تي ڪوڙو
’جگري‘ منهنجو پنهنجو آهي
وک وک تي وجهندو آ روڙو
وقت وقت جي ڳالهه آهي، گهٽو ڏيپ جي هرڪنهن کي آهي، ته پنهنجن مان آهي.
کو من جي ڳالهه ڪرڻ کان نٽائي پيو.
اِنسان ايمان وڃائي وينو آهي.
چوڻ تي ڪنهنجي لڳي ڪري
ڪين ڪُٽائج پنهنجي نوڙهه
دوست، وسان نه پڇيئي ته نهيو
’جگريءَ‘ جو ٻيڙو ته نه ٻوڙ
دڏر اِنعامن جو اَهڙو
ڪوُڙ جي سچ سان آهه لڳي
ڪُلي اَڪاڊمي اِسڪول بند
چڻ ٻارن جي ماءُ پڳي
شاعر وٽ ڪوبه ته وڙ وڪڙ ڪونهي. معنيٰ به سمجهائڻ جي ضرورت ڪانهي.
شاعر وٽ گهٽوئي پڙهڻ وٺان آهي. صرف سساراهه به نه ڪندس. ڪي ڪچايون اوڻايون
س، وقت سان گڏ هلندو ته گهٽو اَڳتي پنڌ ڪرڻ به سکي وٺندو. شاعري ته نتهڻ اُس
، ڪتي ڇانوَ ڏسي ويهي رهندو ته پوءِ وينو ئي رهندو. مٽيءَ ۽ ڏوڙ سان جهول پرٽو
. جن وٽ ڳُل ئي ڳُل آهن، اُهي سڀ آڪاش تي وڃي پهتا آهن. شاعري ته فقيري آهي.
هٽڻي آهي، دروازو کُلي نه کُلي.
وڏائي رکي ڪجهه نه حاصل ڪبو
ڪمائي ڪبي آ وهائي پگهر
نه ڪو قدر ٿيندو آ فنڪار جو
رڳو ٻي - ٻي ڪن جي، آ تن جو نگر
اجها روشنيءَ جي به برسات تي

ڇو ڦوڪون ڏين آنگارن کي
نادان سمجهہ ناهي توکي
ڏس پرکي دنيا وارن کي
تون موکو موکو ڇو 'جگري'
اَکڙين جي سمجهہ اِشارن کي

هن مجموعي ۾ گهڻا غزل ماترڪ ڇند تي آهن. ماترائن کي سمجهڻ ۽ نڀائڻ بہ کو
کم کونهي. 'بيهڪ' 'Pause' جو ڌيان رکڻو آهي. ماترائون کائي مروڙي پوُرت کرڻ
رچنا پنهنجو سياويڪ روُپ وڃايو ڇڏي.

پوک نہ پوکي سگهندا هرگز
جي نہ کلهي تي کوڏر کڻندا
هي کچڙا ڏاڍا اُلفت جا
رنگ ملائي اُٺي نہ سگهندا
دوزخ بڻجي پيئي ڌرتي
هاڻي 'منگل' ۽ 'چنڊ' تي چڙهندا

غزل جي ننهي شعرن جو اَلڳ اَلڳ مزاج آهي، منظر، ڏيکُ، جدا جدا آهي، سوچ ساڳي آ
اَڄ اَهڙي غزل جي ضرورت آهي. ساڳئي ساڳئي وشيہ کي هر شعر ۾ لوئڻ، صحيح
آهي. شعر جون ٻئي سٽون، هڪ سڌي سٽ بڻجي، کجهہ چئي، خيال کي پورو mplete
کري بيٺيون آهن. هڪ ٻئي جي تضاد ۾ کونهن.

ننگو صفا جو آهي تنهن سان
کين رکي سگهنديِن وهنوارُ
داغ کو گُلَ کي لڳندو کونهي
اُن ۾ اَڳ ئي آهي خارُ
ماڻهو ماکيءَ جهڙو زهر
سپ پائن تا اُن کي هار

'ماکيءَ جهڙو زهر' چئي شاعر کيڏو نہ پختو Image خلقيو آهي.

کو پوڳي تو کو ماڻي تو
هيءَ دنيا آهي کتراڳُ
فرق ڇا پوندو مرڻ پڇاڻا
کائيون چندن جون يا ساڳُ
موڳو بلکل ناهي 'جگري'
شايد لڳو اَتس ويراڳُ

اِهو ضروري بہ نہ ٿو لڳي تہ کابہ سمجهاڻي ڏجي، بيحد ئي سادگيءَ صداقت سا
جي ريت رواج ۽ وهنوار جي ڳالهہ کيل آهي. سماج جو ڇِتُ کهڙو آهي ۽ رواجي سڀا
غريبڙي اِنسان لاءِ تکليف کهڙي آهي. شاعرَ پاڻ کي ٻُڌيجيوي، سياڻو، آبروُدار سم
جي يا ثابت کرڻ جيِ، کٿي بہ کابہ کوشش نہ کئي آهي.

کوُڙا ماڻهو پري کان پڌرا
ڳالهائيندا آهن پاڻ

درد جي تو ئي ڏنو آهي، گلا ڪنهن سان ڪجي،
بي وفا جي تون بڻيو آهين، وفا ڪنهن سان ڪجي.

حسرتون پالي زماني ۾، ڪٿي ڪئن پهچبو،
روح کي راحت نہ، حالي دل پلا ڪنهن سان ڪجي.

دل ڏجي وڃجي اَگر سؤدو، نظر هڪ جو هجي،
درد ٿيندو آ جڏهن، مُرڪي اَلا، ڪنهن سان ڪجي.

قرب ۾ کُسجي اَگر، چشقو هجي ها عشق ۾،
سات جي ملڻو نہ آهي، ناز اَدا ڪنهن سان ڪجي.

نور نيڻن ۾ نہ آ، مشڪل بہ پُلجي چو وئين؟
تون نہ آهين دوست "جگري" چئہ دُعا ڪنهن سان ڪجي.

ويو رنگُ رائي آ ڪارو ڪڪر
اَجايو بوجهہ سر تي ڇو کڻي تو
جتان جنھن کي وٺي هٽ جون هٽي تو
ملہو هاريءَ کي محنت جو اِهو ڦل
رگهو ڳالھين ڪرڻ سان ڇا بڻي تو

شاعر جو جهول پريل آهي، مان تہ صرف هن مجموعي جا ڪي شعر پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. ائين تہ غزل اچ گهڻو اڳيرو نڪري آيو آهي. سڀ گناهہ ڏوهہ، سچي پرڪرتيءَ کي، رات ۽ ڏينهن جي هڪ هڪ پل جي اَنيوءَ ياوَ بوڌ کي هڪ وڏو ڪئنواس گهرجي، پنھنجي ذهن جي شنڪائن، ڪلپنائن ۽ ڪامنائن کي، اڄ جي لاچار اِنسان جي ڊوڙ ڊڪ کي، اِظهار هرجي، صرف اِظهار نہ، مفهوم ۽ مرم بہ گهرجي. شاعر اجا تہ صرف پنھنجي آسپاس ئي آهي.

اَبلا نياڻي هرڻيءَ جھڙي
ڪستوريءَ لاءِ ماري ويئي
ٽانڊن مان چڻنگون ٽيون پسجن
باهہ ڇون ٽا ٻاري ويئي
سَچُ ٻُڏي، غوطا کائي تو
ڪُوڙ جي ٻيڙي تاري ويئي

ڏنائين چندو ڪين اخبار جو، ڳوٺڙيءَ جو ڪڏهن
رگهو گهور گهوران وڃي تو ٻڍي گهوٽ تي
ندي تي ڊهي تي بہ ڏون چار وانگر سڄي
وڪامي تيِ سرڪار ڪُوڙي سچي ووٽ تي
نہ سڌري نہ بگڙي نٿو جند 'جگري' ڇڏي
پُراڻو اِهو ٽوپلو ڪيئن نھندو نئين ڪوٽ تي

هلڻو جي اَٽس هلندي گاڏي
هڪوار جي اُنجي ڪُوڪ وڳي
ٿوري ٿوري لب لالچ تي
هرڪو ٿو ڪيڏي هٽي جھڳي
رُتبو بہ وڏيو عزت بہ ملي
پر وسري ويئي ماءُ سڳي

مان بہ چاهيان ٿو تہ شاعريءَ جي گاڏِي هلندي رهي. اڄ اسان وٽ نہ پنھنجي سرڪار ڪو پرانت نہ پڙهائي نہ ٻولي، نہ آچار وهنوار نہ اُٿڻي وهڻي. اَڄ ڪجهہ فضائي اَهڙي آهي سڀ ڪجهہ ڏاريو، پرائو، اُتي اَڄ جو شاعر ماءُ سڳيءَ جي ڳالهہ ٿو ڪري، جنھن سند جي زمين نہ ڏني، هتي جائو نپنو، اُهو ٻار وڏڙن کان ورثي ۾ مليل سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ جي ڳالھ ٿو ڪري. شل سندس اَهڙي سوچ، اِها ياونا صدين تائين قائم رهي، سنڌي شاعريءَ جي چڻنگ وسامي نہ وڃي.

مجموعي جي آخر ۾ ١٢ دوها آهن، اُهي بہ ڇُهندڙ آهن. شاعر وٽ جھوني پُراڻي 'شاهہ' ۽ 'ڪبير' جي سڃاڻپ جي شناس بہ آهي.

- اَرجن شاد

مُشڪ ڏسي مستانُ ٿيس مان،
نيڻ مليا نادان ٿيس مان.

تنهنجي اَدائن عشق اُڀاريو،
عاشق تي قربان ٿيس مان.

تنهنجي خوشي منهنجي مسرت تي،
غم تنهنجو غلطانُ ٿيس مان.

رڳ رڳ ۾ تي رمين هينئر تون،
تون راڌا ۽ ڪانُ ٿيس مان.

اڳي هوس مان ڪير، الاجي،
”جگري“ اڄ اِنسان ٿيس مان.

مونکي ڏينهن لڳو، توکي رات لڳي،
درد ئي سچ هو، توکي جذبات لڳي.

هڪڙا سيني تي چڙهي جو وينا اَچي،
پُٺ ۾ چُرو هڻن، تِنِ جي ذاتِ لڳي.

بارش، سانوڻ، مُند بهار جي آئي،
بن تنهنجي اُداس قائنات لڳي.

بوليءَ لاءِ وڏ پون، پر وسارڻ،
سنڌي سائين، تنهنجي ئي ذات لڳي.

هي تہ فقط ماڪ جا ڦُڙا هئا ”جگري!“،
توکي بہ الائي چو برسات لڳي.

پيچ پيار جو لڳائيبو آ،
ناتو سڀ سان نڀائيبو آ.

سڀ جي هڪ جهڙا نہ ملن تہ بہ،
اڪ ٻوٽ ڪري هلائيبو آ.

غم ۾ ڏُڌلن کي ڇا چئجي؟
ستايلن کي نہ ستائيبو آ.

پنهنجي رنگ ۾ رڱيو رهجي،
هر هر رنگ نہ مٽائيبو آ.

يار پُراڻو سڀ کان بهتر،
دوست مٽان سڀ لٽائيبو آ.

ڏون ڏون آ چٽنگن جو مارو،
مچ مچيو آ دل ۾ يارو.

تو لاڪر اڄ دل جهومي ٿي،
ساجن سڪ جو، چڙهيو آ پارو.

سار سڄڻ جي منهنجي من ۾،
تِجِلو اهڙو، جڻ ڪو تارو.

پيتو آ مون رشتن مان ٿي،
لڙڪن جي هيِ، امرت ڪارو.

لب جي چاهت، لب سان ”جگري“
نيسارو ماڪيءَ جو سارو.

پاڙون نفرت جون ٻه پٽي ڏس،
نِوِڙَتَ جون نوڙيون وٽي ڏس.

ظالم ظلمن کان ڇو مڙندا؟
تون سچ پنهنجو پاڻ کٽي ڏس.

سچ آخر ڏکيو ڇو لڳندو؟
بس، جپ ڪاري اِها ڪٽي ڏس.

سڀ عزت ڇونه ڏيندا توکي،
پنهنجو سياءُ ذرا مٽي ڏِس.

کهڙي مُلڪ پڄي تون ويندين،
ٽنگيل اٿئي سليب، مٿي ڏس.

راڄ اسان تي ڪري نه سگهندين،
پهرين ”جگريءَ“ کي نه قٽي ڏس.

وقت اڄ جو نہ ڪو مون ڇاتو آ،
نہ رهيو نينهن آ، نہ ناتو آ.

اڄ سمورو اُداس ڄڻ عالم،
من بہ وياڪُل آ، ڏاڍو آتو آ.

عشق جي راند، سيج سورن جي،
مرڪ تي هرڪ هاري ڦاتو آ.

ڪجهہ تہ شايد سڄڻ کي ٽيو آهي،
مون ڏکن ۾ سُکن کي ڇاتو آ.

آ ستايل وڇوڙي جو ”جگري“،
سڀ وڃائي بہ، ڪُجهہ تہ پاتو آ.

صدمو ڪائي، شاعر ٿيندو،
ڏک ڏسندو سو، ماهر ٿيندو.

سؤلا سُک هت جي چاهيندا،
تنهنجو ڇو ڪو واهر ٿيندو.

سور اندر جا، ٿاندا ٿاندا،
درد يا ته دم، ٻاهر ٿيندو.

آيل خوفن کان منهن موڙي،
وڳر کان ويندو، ڪانئر ٿيندو.

خون ڪٿوري، لڪندو ڪو نهين،
نيٺ ته ”جگري“ ظاهر ٿيندو.

بينائي بينا آهن، هرگز نہ گهٽبا آهن
دردن جا در سدائين، هِنَ هُنَ کان پُڇبا آهن.

بدحال مان رُئان ٿو، هو ٺهڪ ٿا ڏين، پر،
اهڙن سان سور دل جا، هر هر نہ سَلبا آهن.

ديوانو، مست سڏجان، ساريان ٿو سنڌ کي جي،
اهڙا کي شخص هاڻي، ٿورائي ڏِسبا آهن.

سچ چئجو، پرک رکجو، سنسار هلندو رهندو،
منهن ۾ نہ گهنج وجهجو، کوڙا سي سڏبا آهن.

بولي آ ماءُ جي جا، تنهن تي تہ ناز رکجو،
ڦيري اکيون نہ چڙجو، دِلدار کُسبا آهن.

مان توسان ناتو جوڙيندس،
سڪ جا دروازا کوليندس.

سڀ سُهڻا هڪ جهڙا ناهن،
مان توسان ئي سڪ سوريندس.

سُک سڀ ئي توکي ارپي اڄ،
ڏُک سڀ تنهنجا مان ڍوئيندس.

همدم ٿي تون رهجان هردم،
مان توسان ئي ڏک ڏوريندس.

هن ڀُڱ ۾ کو ڪنهن جو ناهي،
”جگري“ رُخ توڏي موڙيندس.

لڄ رک هن ڪارن اکرن جي،
تون ٻاء مان چپ کي چوريندس.

دل وارا دلبر دل ڏج تون،
پوء من مان توسان اوريندس.

ڪيون ڳالهہ دل جي، اچي ويهہ پرسان،
سفر پنهنجو سڦلو ٿئي يار، توسان.

ملن پهرين نظرون، نظر ساڻ پريتم،
وڌي ٿڙڦ دل جيِ، مان تو لاءِ تڙڦان.

ڪيان عشق ۾ تو تان قربانُ سڀ ڪُجهہ،
اِشارو ملي جي، وڃي سر بہ تو تان.

خزان کان پڇہ حال ڇا هي گلن جو،
بهارن کي هاڻي، نئو مان سڃاڻان.

وڇوڙي جو هڪ پل، نہ گُذري ٿو هاڻي،
ڏنم مُرڪ تنهنجي، تڏهن کان ٿو ڦٽڪان.

چا چوندين چنڊ، ستارن کي،
ڪجھ چئي نہ سگھندين يارن کي.

چو ٻاھہ حسد جي ٻاري تو،
چو ڦوڪون ڏين انگارن کي.

پر طوفانن کي پاڪر ۾،
پوءِ پائيندين تون ڪنارن کي.

تنھنجون ڳالھيون سڀ سوارٿ جون،
سي سونھن نہ ٿيون سچارن کي.

نادان سمجھہ ناھي توکي،
ڏس پرکي دنيا وارن کي.

گھر پنھنجو پرڻ جي ھوڙ ھتي،
ڪا سمجھہ اچي وھنوارن کي.

تون موڳو موڳو چو ”جگري“،
اکڙين جي سمجھہ اِشارن کي.

تون آيو آهين پير پري،
شل پائو تنهنجو پاڳ وري.

دک پيڙائون سڀ مونکي ڏي،
تون سرهو ٿيندين صبر ڪري.

سڪ سان جي مالڪ ياد ڪندين،
پوءِ منزل آهي ڪانه پري.

ڏاڍا مشڪل ڏاڪا ڏُک جا،
چا ملندو داٽو ڪجهو ڏري.

سيني ڪي ڍڪڍار ڍڪي،
ڍڪ رکندو تنهنجو مهر ڪري.

ڳُفتا منڙا ٻولج هردم،
”جگري“ تنهنجو شل هيانءُ ٺري.

ٻُري سنگت ۾ نشا ڪندو هي،
پوءِ ڪم سڀ ئي ڪسا ڪندو هي.

گهر ۾ گهات جو ڪونهين چوڪر،
ڏهه ئي ڏوڪڙ لسا ڪندو هيِ.

ڪرندو پَٽَ تي، منهن پر پاپي،
تہ بہ ”مان - مان“ جي، خطا ڪندو هيِ.

پنهنجي گهر کي، سو ساڙيندو،
سڀ ڪم، حيلا، ڪچا ڪندو هي.

ڪر پاسو نادان کان ”جگري“،
مڙندو نہ، ٻُري دشا ڪندو هي.

پنهنجي سمجهہ کان آهہ پري جڳ،
سچ کي اُٽي ويو وقت جو ٺڳ.

مارن ڪوڙا، مرن بہ ڪوڙا،
پر، گولي گانڌيءَ جي پوئلڳ.

ليکڪ شاعر لکندا رهندا،
ڪونہ مليو پر، پاڻڪ جو سڳ.

ماءُ جي ٻولي، ماءُ جي لولي،
سِڌي وات جو آ سهڻو ڏڳ.

فرض قوم جو، قرض قوم جو،
جو وساري وينئين وقت کان اڳ.

پلي هوا جو رُخ بدليل آ،
''جگري'' پاڻ تہ پلا چڱو لڳ.

پيار ئي جيون جي سچائي،
نفرت سڀ کان وڏي مدائي.

جن جي دل جو اڱڻ ڪُشادو،
تِنِ جيون ۾ مؤج مچائيِ.

ڪامياب ٿيندو آهي سو،
نفرت جي جنهن پاڙ پٽائي.

تازو تندرست رهندو سو،
دل ۾ جنهن جي آهه صفائيِ.

يلوئي سوچ تون هرڪنهن جو،
اُن ۾ تنهنجي آهه وڏائي.

مسخرن جي راڄ ۾، راڄا بہ آ سؤدائي،
حال پرجا جو برو آ، اهڙي نؤڪرشاهي.

هاڻ ائتم بم اسان وٽ، ڪي مسائيل آهن،
فڪر آهي بس، بصر آلوءَ جو پائي.

اوُنچ سنسڪرتي اسان جي وشو ڀر ۾ آهي،
پر، جمڻ ڪان اڳ تا مارن، ڌيءُ ڇو آهي جائي؟

دوستن، مائٽ سڀ منا رشتا ۽ ناتا آهن،
ڌوڙ ۽ چائي، سياڻن مونکي ڳالھ ٻڌائي.

بي حَيائي، بد فضيلت ڪرم تي پيو آهي،
ديش جا والي، لھن ڪاڪين ڪوڙي پائي.

توکي پاتو جڻ تہ جڳ کٿيو،
گلشن مان سهڻو گل آ پٽيو.

مايوسي خود ٿي آ موڳي،
اُمنگن اُداسيءَ کي ئي لٽيو.

اُڏري ويندا سين آڪاش ۾،
چانداڻ کي اکين ۾ جهٽيو.

پاڻ ۾ پرچي پونداسين پر،
جڏهن توهان پنهنجو ضِد ڇڏيو.

جوش جوالا ۾ آ ”جگري“
جيون ۾ ڪنهن ڪجهہ ڪين وٽيو.

ڏُک تہ ساڳيو مگر مٽيل آهي،
رخ هوا جو بہ ڪجھہ مڙيل آهي.

زندگي جو دڪيري ٽي آهي.
ڇا ڪجي، درد ڪجھہ وڌيل آهي.

سڪ سلوڪائي ملندي ناهي پڙ،
آدمي آدميءِ جڙيل آهي.

جوڙ، ڪٽ، ضرب، وند جا رشتا،
جڻ ڍُراٽو وڳو ڇڙيل آهي.

ڪو اسانکي نہ ٽوڙي سگھندو جو،
ايڪتا جو سڳو وٽيل آهي.

اُڏامي هليو وڃ، ستارن ڏي هيڪر،
نياپو ڪڻيِ اڄ مون پارن ڏي هيڪر.

اَڱڻ لوڪ جي ڏِڄ، خبر موت ۾ تون،
دکن ڪان پري هل، ڪنارن ڏي هيڪر.

فضا ۾ ڏنل ڦوڪ وانگر سمائج،
گلن ۾، بهارن ۾ يارن ڏي هيڪر.

پرائي وطن ۾ وسارج نه ٻولي،
وٺي هل وطن سنڌ وارن ڏي هيڪر.

مٺو درد ٿيندو، نظر جي ملڻ سان،
اچون شل نهاري نظارن ڏي هيڪر.

سڪو ڪوٺو، نہ ٿيندو آ ڪرو،
اُڏامي ڪين، سگھندو آ ڳرو.

الائي ڇا ٿيو آ قوم کي،
بنا ٻوليءَ جي بچندو ڪٿان ذرو.

سچاڻن مونکي سنڌي ٿا سڏن،
سڏائڻ ۾ چڙهي ڇو ٿو ٻرو؟

رُڳا سوارٿ، رڳيون ھيِ ذلتوُن،
هلون ڪنهن جي سهاري اڳ ڀرو.

ٽٽل آ ديڳ سنڌين جي اڄاڻِ،
اُٿو، جاڳو، لڳي ويندو ٽرو.

ڳِجُھنِ وانگر مِڙو ٿا ڍوُنڍ تي،
رڳو سڪٽيءَ وڏائيءَ تي مرو.

هي شڪاري تہ نہ ماري سگھندا.
واھہ ئي واھہ ۾ مري پوندا.

راڄ پنھنجو ءُ نہ ڌرتي پنھنجي،
پير پُختا نہ اسانجا رھندا.

وقت نڪري ٿو وڃي روئيءَ ۾،
قوم جا بار پيلا ڇا ڪٽندا.

ساک ڪوڙي ئي ڪڍائڻ خاطر،
روز ڪي روز ڪي، سپنا لھندا.

ڪجھہ ملي ڪينہ سواءِ محنت جي،
مال ڏسندا تہ اچي سڀ مِڙندا.

کھڙو دِل جو درد سڻايان،
منت ڪري چو پاڻ وڻايان.

سفر ۾ رهندس آءٌ اڪيلو،
چا لئہ توسان جند اڙايان.

وڻن پنن نازڪ مُکڙين کي،
شبنم جي ھُبڪار ڇُهايان.

ويرَ جو پل ڪو مڇ مچائي،
دل جي دل ۾ باھہ سمايان.

ڦٽ بڻيا ناسور، اڇين جي،
چار گھڙيون ئي سور پلايان.

”جگري“ تنھنجو جگر وڏو آ،
ناز ڪڻان، اچ نيڻ وڇايان.

جائي جي جر جڻ تہ پُڄائي،
حال نہ پُڇجو، عزت وڪائي،

مجبور پتا ۽ لاچاري،
گونگي ڳانءِ جو آ هي نياڻي.

ڇهري مان ڇهرو پسڻ ڏڪيو،
صورت پولي اتس نِماڻيءِ.

ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکيبازي،
ڪري تو هرڪو جاڻي واڻي.

ويچارن جو وهڪرو سوڙهو،
ننڍن نہ آهي ڳالهہ پچاڻيءِ.

کهڙو ٻوڙو ٻاريندا سين،
”جگري“ ڏرتي ناهہ اباڻي.

ڳلشن ۾ ڳل ئي ڳل ٽڙندا،
ڪي ڪي خوشبوءِ ڏيندا وٽندا.

پوڪ نہ پوکي سگھندا هرگز،
جي نہ ڪُلهي تي ڪوڏر کڻندا.

هي ڪچڙا ڌاڳا اُلفت جا،
رنگ ملائي، اُٺي نہ سگھندا.

دوزخ ٻڄي پيئي ڌرتي،
هاڻي منگل ۽ چنڊ تي چڙهندا.

ڇا چئجي اڄ اِنسانن کي،
جانب ”جگري“ ورلي ملندا.

هر ڪ جو آهي هاريو مون،
جيءُ بہ پنهنجو ٺاريو مون.

مڪڙو موڙيو ڪين ڪڏهن،
خود کي خود کان واريو مون.

وڏندي وڏندي پياس رهي،
هِيانءُ جو هيڪر هاريو مون.

مزو ۽ڏڻ ۾ مون پاتو،
نالو تنهنجو تاريو مون.

صفر اڪيلو ”جگري“ آ،
پاڻ کي سمجهيو ڏاريو مون.

تمڪندا آهن تارا اُڀ ۾،
يار آ ايندو منهنجو حَب ۾.

ڪلندو هاٺي ياڳ ۾ منهنجو،
آهہ ڀروسو مونکي رب ۾.

سمو ٻہ گذريو ڪيڏو ڀاري،
پريتم ايندو منهنجي حد ۾.

نئين زندگي منزل ۾ آ،
ملٺو جيون ِ آهي اڌ ۾.

راڄ محبت ۾ آ ڪنهن جو،
پاڻ ڪان وڌ ”جگري“ قد ۾.

هر ڇُپندڙ کي خارُ نہ چئجو،
هر ملندڙ کي يارُ نہ چئجو.

ٻار بہ وينا چڙهي ڪلهن تي،
سو پنهنجن جو ٻارُ نہ چئجو.

سڪيا بزرگ سهٽيَ ڏئي جي،
تنهن کي ڪو آزار نہ چئجو.

سکن دکن لاءِ پئسو آهي،
جيون جو آڌار نہ چئجو.

نظر چُرائي جاٽي ”جگري“،
هاٽي اُن کي ٻار نہ چئجو.

پاھريان رشتا نياڻي،
ياءُ کي وينو يلائي.

چو پلا، گھر کي ڇڏي تو،
ھوٽلن ۾ ڪاڏو ڪائي.

دل لڳائڻ ۽ نڀائڻ،
ڪير تو اڄ ڪلھہ نڀائي.

مُشڪلاتن کي ڏبو منھن،
ڏڳُ مِلي ويندو پُڄائي.

قوم سان رھجي سدائين،
شل نہ ڪو ڪنھن کي لڀائي.

قوم سان ”جگري“ وفا ڪج،
ڪم ڪجان تون دل لڳائي.

صدين کان هماليہ وانگر هوندس بيٺل،
مٿان برف ٽيءِ چانيو رهہ تون شيتل.

اُتر کان ملک تي پهرو ڏيندس هردم،
ڀِڳهِرجيِ وِهي تون ويندين ٻڌجي نرجل.

هزارين، لکين ٻوٽيون ڏِيندس مان ڀُڳ کي،
ڪجان مُلک سائو، شُڌِ گنگا جو جل.

جبل جوڳي ٻڌجي جاڳن ٿا ڀُڳ ڀُڳ کان،
ڪناري ڪناري پوڄا تنهنجي هرپل.

سدا ساڌ سنت جوڳين جي تپ جو مان گهر،
جڏا ڪان وهي ڌارا پاون تنهنجو جل.

وڏي حرام جي آهہ ڪمائي،
جيوت پڻ تي آهہ اجائي.

مَلان منجهايو مذهب آهي،
ڪُڪِڙن آهي ٻانگَ ٻُڌائي.

رُسي ويا سڀ راڳِي آهن،
ڳڌهن پنهنجي هينگَ ٻُڌائي.

گهر ۾ آئيِ رُئندي ڪنوار،
گهوٽ مليو هن کي سؤدائي.

مردن آهي مُڇ ڪوڙائي،
لُنڊنِ جي هٿ بازي آئي.

سڪ ئي سڪ جو سَڳو تون سور،
سڀ ڪجھ پنهنجو پيار ۾ گھور.

هاڻ سُڪل ساوا ڪر دلبر،
ٻَڏِجانءِ سڪ جيِ تون پڪي ڏور.

وشواس پڪو محبت ۾ جي،
تارازيءَ ۾ قرب نہ تور،

خبر ٻُڌي آ تنهنجي اچڻ جي،
نچڻ لڳو آ من جو مورَ.

جنمن جنمن کان او ”جگري“،
اچ اچيِ تون، چت کي چورِ.

ڳالھ ڪا ڪنهن کي چئي نہ سگھندين،
مون سان ئيِ تون دل کي اورِ.

دل تي خاموشيءَ ۾ ٻري،
هڪ ٻئي کان جو آهيون پري.

يارُ، رُنل پرچي مونسان،
هاڻي هُن ٻنِ ڪينهه سري.

اُلفت آهي رمز رچائي،
تنهنجي ايندي ياڳ وري.

ضرور ايندين مون وٽ تون،
شال، اجوڪو ڏينهن ڦري.

”جگري“ بي وس ڇو آهي؟
پل پل وينو آهه ڀَري.

چاڻ تون پڏنديں سورٺ راڳ،
اُت ساجهر اُٿ ننڊ مان جاڳ.

مردن وانگر منهن ڏيندو جو،
تنهن کي ئي آ ملندو ماڳُ.

سچ جي راهه اَڻانگي آهي،
گانڌي، ڪنور، هيمونءَ جو ڀاڱُ.

ڪو ڀوڳي ٿو، ڪو ماڻي ٿو،
هيءَ دُنيا آهي ڪئراڳُ.

ڏُک جو حال نه پُڇجو اُن کان،
جنهن کي مليو آهه ڏهاڳُ.

فرق ڇا پوندو مرڻ پڄاڻا،
ڪانيون چندن جون يا ساڳ.

موکو بلڪل ناهي ''جگري''،
شايد لڳو اٿس ويراڳُ.

ڪمزور آهي وڻ جو ڏارُ،
سهي نہ سگهندو پينگهہ جو بار.

ننگو صفا جو آهي تنهن سان،
ڪين رکي سگهندين وهنوار.

داغ ڪو گل کي لڳندو ڪونهي،
اُن ۾ اڳ ئي آهي خارُ.

لڳائي لالي سهڻي صورت،
چونہ ڪري آخر سينگار.

ماڻهو ماڪيءَ جهڙو زهر،
سپ پائن ٿا اُن کي هار.

ڪنڌ ورائي ٻڌندو ٻوڙو،
پاڻيءَ ۾ هڻندو ٽاڦوڙو.

ٻنِ ڪمائيءَ ساڻن جهڙو،
ماٺو آهي تڪڙو گهوڙو.

رشتا جُڙندا هاڻ حسابي،
لڳندو ڪين اُنهن تي ڪوڙو.

جيون جا ملهه ڪين ٿو سمجهي،
ماٺو چئبو يا ماڪوڙو.

دوست بڻياسين هڪڙي دم لئہ،
عمر سڄيءَ جو هاڻ وڇوڙو.

”جگري“ منهنجو پنهنجو آهي،
وک وک تي وجهندو آ روڙو.

ڊوڙون پائي ڪنهن چا پاتو؟
بي صبرن چا آهي جاتو؟

ضرب، جوڙ، ڪٽ، ونڊ جا رشتا،
ڪيئن نڀايون ڪنهن سان ناتو.

وڃائي ويٺين حوصلو ڪئن تون،
ڪنهه حسرت لئه آهين آتو.

ڪُوڙا ماڻهون پري ڪان پڌرا،
ڳالهائيندا آهن ٻاتو.

رشتو ڪانوَ ۽ ڪويل وارو،
بي سُرو هِڪُ، ٻئي منڙو ڳاتو.

بدتر حالت آهي اڄ جي،
”جگري“ بند ڪر پنهنجو ڪاتو.

پاڻ سان کياڻون تڳي،
وينا وساري ماءُ سڳي.

وڏڙن لئہ آهي فرياد،
واپس هلڻ جي هڻن ڪڳي.

تهذيب وساري ويناسين،
عمر سان مارئي آهہ پڳي.

دؤر اِنعامن جو اهڙو،
ڪوڙ جي سچ سان آهہ لڳي.

ڪهڙي ٻوليءَ بنان سچاڻپ،
ڳاڏي ڇُٽي - نہ ڪوڪ وڳي.

ڳُلي اڪادمي، اسڪول بند،
ڇڻ ٻارن جي ماءُ پڳي.

شل ڪو رهبر ملي قوم کي،
”جگري“ خالي هڻن جهڳي.

ياري يار نيائيج توڙ،
بڻي رهي شل پنهنجي جوڙ.

چوڻ تي ڪنهن جي لڳي ڪري،
ڪين ڪٽائج پنهنجي نوڙهه.

پنهنجو پاڻ ۾ رک وشواس،
ايندو رهندو آهي موڙ.

پياس ٻجهائڻي اٿئي تہ وڃ،
نديءَ جو سمنڊ ۾ آهي چوڙ.

شهر ۾ حراس متو آهي،
سوارن جو ڪيڏو ڳوڙ.

دوست، وسان نہ، پڇئي تہ نهيو،
”جگريءَ“ جو ٻيڙو تہ نہ ٻوڙ.

اسانجو تہ ھکڙو ئي آھي وکر،
سچائيءَ جو آھي اسان تي اثر.

دکن جي سکنِ جي نہ پرواھہ آ،
پڳو پرم آ، دل بڻي آ پٿر.

وڏائي رکي ڪجھہ نہ حاصل ڪبو،
ڪمائيِ ڪبي آ، وھائي پگھر.

سدائين وفادار رھندو اُھو،
نہ ماٺي نہ چاٽي ٿو ڪارو اکر.

نہ ڪو قدر ٿيندو آ فَنڪار جو،
رڳو بي - بي ڪَنِ جي، آ تن جو نگر.

اِجھا روشنيءَ جي بہ برسات ٿي،
ويو رنگ لائي آ ڪارو ڪکر.

ساڙ حسد ۾ رکندو ويرُ،
کين سو سگهندو کوڙي پير.

کڏهن هو ڪنهن جو ٿيندو ڪين.
رهيو سدا جو آهي غيرُ.

چُرچ ڪندو تہ بہ ڪلندي رهندي،
ياءُ لڳي پاپيءَ جو ڏيرُ.

ٽکل ٽُٽَلَ پل آهہ ٻُڏِڙو،
ڳاهہ نہ ڪائيندو آ شيرُ.

دوست سڄڻ سڪ ساڃهہ وارا،
سدا گهرن ٿا سڀ جو خيرُ.

دکن سکن کان پڇڻو ناهي،
ڪنو منو آ ٿيندو ٻيرَ.

اسان پاڻ کي ڪونہ آهي سڃاتو،
تڏهن ڏُک ئي ڏُک، ڪين سک چين پاتو.

جڙي ڪين سگهندو، ٻيائيءَ سان گهر ڪو،
نپائي نہ سگهبو، ڪڏهن اهڙو ناتو.

ٻنان ٻوڙ ڏُک جي، ٻنا سگهہ اُڏامڻ،
ملي جهٽ، ڪپي جهٽ، آهي ڪوئي آتو.

اجائي وڏائي ڪرڻ مان نہ ورندو،
وجي شان شؤڪت ۾، آهي جيءُ ڦاٿو.

ڇڏي لوڀ لالچ، اِڇائون اڇين جي،
تڏي سڀ سڃايو، اِهو چونہ ڇاتو.

اسان وٽ اچو، واٽ ويندا نهاريون،
نهاري ڳڳن ۾، سڄڻ کي پُڪاريون.

پلو پاڳ ٿيندو، اچين جي گهڙي پل،
رهي ڳڏ، سدا پاڻ جيون گذاريون.

لڳي ٿو بنان سار جي زندگيءَ مان،
وڃن موٽ ڪائي، مندون ۽ بهارون.

ڪُشادو اگڻ دل جو آهي اسانجو،
اچو عيبَ پنهنجا، متايون وساريون.

هُجي ياد روشن، وهون ويجهو ”جگري“،
مٺا ياد ڪر تون، وساري ڪساريون.

زمانو ڏئي ٿو، رڳيون رهندون رهندون،
اسان ڪنهن نہ احساس کي تا سنواريون.

سوچي سوچي ٽڪجي پئجي،
تنهن کان چونہ کٽي سچ چئجي.

رشتن سان ڪو موهہ نہ رکجي،
ڳُل کي ڏسجي اصل نہ چنجي.

بِن محنت جي ڪجھہ بہ نہ ملندو،
حق چا ڏيندو، حصو نہ گھرجي.

سامهون وجبو همٿ آهي،
گدڙن وانگر ڀڄجي نہ وڃجي.

اُتڻان آهي پاسو ڪرڻو،
جتي وڃڻ سان ٻاڙو ٻُڌجي.

راشن جي قطار ۾ مشڪل !؟
جنس نہ ڏسجي اگھہ بہ نہ پُڇجي.

اجايو بوجهہ سر تي چو کڻي ٿو،
جتان جنهن کي وڃي هٿ جون هڻي ٿو.

بنا مقصد الاجي چو ڊُکي ٿو،
مگر سڀ کي اِهوجيون وڻي ٿو،

کڏهن موتي وري .ايندڀون بهارون،
خزان ۾ ئي سمورو وڻ ڇڻي ٿو.

تفاوت موهہ ممتا ۾ چو آيو،
نہ گهر جي ڏيءُ، رڳو پٽ ئي ڄڻي ٿو.

ڏسو اڄ جو ڪوي غزلون لکي ٿو،
اول سؤدو ڪري رپيا ڳڻي ٿو.

مليو هاريءَ کي محنت جو اِهو ڦل،
رڳو ڳالهين ڪرڻ سان ڇا بڻي ٿو.

جوڙڻ سؤلو ناهہ نئون گهر،
اول ڪچي ڏس پنهنجو پڻ بر.

سڀ ڪان اهنجو آهي ڳولهڻ،
نياڻيءَ جي لءِ پسنديءَ جو ور.

مرض سياست جو بڇڙو آ،
لڳل سدائين نڪ تي آ مَرُ.

هر ڪنهن کي چوندو وٺندو آ،
مٺي سوادي انبڙيءَ جي ڳِرُ.

پنهنجي ڪرٽي هرڪو لوڙي،
ڪين تون ڪنهنجي ڳٽنين ۾ ڳر.

اهڙو فئشن آ اڄ ڪلهہ جو،
ناهہ خبر ناري آ يا نر.

ديش مٿان کي جان ڏين ٿا،
ڪنوررام هيمو ٿيا امر.

پانڪ جو ڏي ڏسُ ڪو ”جگري“،
ٿي ويو آهہ ڪتابن جو ٿر.

سچائيءَ تي ڪئن تا هڻن ڌاڙو،
منو قل لڳي ٿو، ڦڪو ٻاڙو.

جواني ڏسو جوش ۾ آهي،
لڳو ڪنهنجي چو سوچ ۾ ساڙو.

وطن ڪان وياسون پري تڏجي،
پرائو لڳي هت سڄو پاڙو.

اُهي يار دلدار دل وارا،
اسان ڏي اُنهن جو نہ ڪو لاڙو.

نہ ديدار ٿيندو بنا پيتا،
پسون ڪو تا پٽر ڏئي پاڙو.

اچي ياد ٿي سنڌ جي ڌرتي،
سلامت هجي شل ڏنل پاڙو.

ڪين ڪڏهن تو سچ آ اکيو،
پنيت آهي تڏهن تہ مچيو.

منڙو ئي تس زهر چپن تي،
تڏهن تہ هر ڪنهن آهي چکيو.

لڪو آ وينو مورک گهر ۾،
ٻاهر ڏاڍو مينهن تي وسيو.

مدهوشائي ايڏي ڇو تي؟
ڪجهہ شايد هن آهي پسيو.

اڳ ئي تنهنجي سهڻي صورت.
پائوڊر پو ڇو آ مکيو.

تي وينو پاڻ کان پاڻ پري،
مجبور پلا ماڻهون ڇا ڪري.

دکا ڏئي تو جيون گهاري
نفرت، حسرت ۾ پيو تو ٻري.

حق تنهن بن گهٽو گهٽو کپي نو،
ڏس ميڙي ميڙي روز مري.

ٿاقوڙن سان پار نہ پهچي،
بنا شرڌآ سک جي کين وري.

لٺ جنهنجي آ مينهن بہ اُن جي،
هکڙو تو پوکي ٻيو تو چري.

نيت تہ ايندو راچ رام جو،
شل ”جگري“ مرکي ڏسي تري

ٿڪجي پوندا ٿوري پنڌ ۾،
باسيندا جي باسون انڌ ۾.

لوڀ موهه آ ڏک جو ڪارڻ،
چسڪا چاهيو ٿا جيڀ، ڏند ۾.

آشا هن مان ڪابه نه رکجو،
لڳل اٿس ڪا ڪِلي ڪنڌ ۾.

ٻچپن پورو راند روند ۾
جوڀن سارو گذريو هنڌ ۾.

ٽوپيءَ جي ڪُرسيءَ جي لالچ،
ڪين ڦاسندو ”جگري“ گند ۾.

تڙڦڻ تڙڦڻ جيون آهي،
تنهنجي موه وڏو ڦاسائي.

درد، دوا، غذاب، پيڙائون،
سڀ ڪي ويندا سين سهسائي.

خطري ۾ آ وجود اسانجا،
شل ڪو پنهنجن کي جاڳائي.

در در تي آ ذاري ٻولي،
پنهنجن ئي گهر آ چڏيو ڦٽائي.

وڙهاڳو وسرڻ ناممڪن،
پنهنجي پون ۽ ٻه اسان کي ناهي.

پنهنجا گونگا ٻوڙا ماڻهون،
ڪير اُنهن کي ڪئن سمجهائي.

مضبوط پاڻ کي آ ڪرڻو
ڪوئي ڪنهه کي ڪين ستائي.

شينهن جي سوپيا ٻيلي ۾،
شاعر جي سونهن اڪيلي ۾.

ڪٽي بہ ڪيڏو للچائيندس،
ماءُ جو موھہ رڳو چيلي ۾.

تنهنجي حُب کو رنگ لائيندي،
گڏ هل ڳوناٽي ميلي ۾.

هنجو جيئڻ آ ڪهڙو هاٽي،
ڪا ڪونهي سمجهہ ڳهيلي ۾.

سنسار کان مڪت بہ آهي پر،
ڪا آس گروءَ جي چيلي ۾.

آتم سنتوش لاءِ شُڪرُ چڱو،
جهڙو بہ گرھہ هر ويلي ۾.

پيار ٻڌيو سامان آ دل جو،
ڪنهن لاءِ سُلطان آ دل جو.

در در تي جو دل لائيندو،
سڏبو سو نادان آ دل جو.

اکڙيون زارون زار ٿمن ٿيون،
هڪ ڳوڙهو ارمان آ دل جو.

هيڏانهن هوڏانهن پٽڪڻ وڦلڻ
وس نہ هلي طوفان آ دل جو.

دروازي کي ڪُليل ئي رکجو،
اڄڪو اڄ مهمان آ دل جو.

گهرندا سر لاهي ڏيندا سين.
”جگري“ ٿيو مستان آ دل جو.

حُسن جي پري اُڏامي ويئي،
جوت اکين جي اُجهامي ويئي.

قسمت جي بازار لڳي هئي،
منهنجي ڀاڳ جي ڪامي ويئي.

مڏر وقت جي اُها گهڙي ڪِنَ،
قيد ڪئي ۽ غلامي ويئي.

ياد مٺي ۽ ننڊ نيڻن ۾،
ميٺ ڀري ائن وسامي ويئي.

سانجهي آهي سدا سهاڳڻ،
ڳاڙهو اُفق تي اڳهامي ويئي.

توسان منهنجو مَنَ آ اڙيو،
منهنجو جيون تو آ گهڙيو.

ڪلا جيئڻ جي توکان پائي،
پهريون سبق مون پريم جو پڙهيو.

رنگ ۽ روپ وڏو آ موهي،
پريم جو اهڙو نشو ڪو چڙهيو.

هوس صفا مان ڪورو جاهل،
”جگري“ سان جيءُ آهي جُڙيو.

ڪئن پُلجي مان ويندس تُوکي،
چنڊ اِجهو آڪاش ۾ ڪِڙيو.

نہ ڪُڇي تو ڪھڙو اسرار ھو؟
ماڻھو خود ڪان خود بيزار ھو.

پُٺ ۾ ھٽندڙ ڪير نہ ھوندو،
ھڪڙو ياءُ سڳو، ھڪ يار ھو.

ٿاٻا ڪائيندو ٿي آيو،
ماڻھو اُھو نشي ۾ تار ھو.

سڪي نہ سگھيو مادري ٻولي،
گونگو ٻوڙو پنھنجو ٻار ھو.

مون سان ڏاڍي ڪيڏ ڪيائون،
پر ڪيڏ ۾ بہ، ڪو نہ سار ھو.

بي ادبي ذلت جي دؤر ۾،
”جگري“ ڏاڍو شرمسار ھو.

سُڪي رت ويو بي رُخي رهجي ويئي،
پنل آس هرڪا سُڪي رهجي ويئي.

اڪيلو وياڪُل سدائين اُجايل،
نصيبان ملي جا چُڪي رهجي ويئي.

حياتي لتاڙي وئي حسرتن کي،
ڪا خواهش، ڪادل ۾ خوشي رهجي ويئي.

نڪاٽي بنا زندگي دربدر هئن،
سُکي ڪانہ تي پر ڏُکي رهجي ويئي.

نہ پُڇ حال ”جگري“ء جي حالت آ کهڙي،
اِها ٻُڪ لڪڻ جي ٻُکي رهجي ويئي.

دل ۾ آ هڪ آس يار جي،
چڪ رهندي آ تنهنجي پيار جي.

درد به منڙو آهي دل ۾،
آئي مند آ وري بهار جي.

ياد رکي آ قائم تنهنجي،
ظالم رات هئي خمار جي.

ساڻ سدا مون سان آهين تون،
گهڙي نه هاڻي انتظار جي.

خوشبوءِ هوريان ايندي آهي،
ريت اِها آ سمجهدار جي.

صدقي ويندو تو تان ”جگري“،
ڳالهه ڪيان تو اعتبار جي.

مزو ويو چنڊ لات جو،
لڳو تس ٻچيءَ ڪات جو.

ڪُڏي پهر پويون ويو،
ڦٽي باک پرڀات جو.

ستارن ڏنو قرب مان،
ڪئي هُن اچي هات جو.

سپيري وڃائي مٽي،
لُٽي بين تي رات جو.

نہ سانوڻ نہ وسيو بدو،
پيروسو نہ برسات جو.

اچي شل اُڏامي سگهو،
پتو ڏج ملاقات جو.

اِهو هام ”جگري“ نہ هڻ،
نہ تي ڏانو ڪو ڏات جو.

يارن مان سچ ياري ويئي،
مُٺ مان سِرڪي واري ويئي.

ابلا نياڻي هرڻيءَ جهڙي،
ڪستوريءَ لءِ ماري ويئي.

ڳُڻ يا اؤڳُڻ ڪين ڏٺو ڪنهن،
روپ ڏسي دل هاري ويئي.

چانديءَ جا ٽڪرا ميڙيندي،
عمر بہ گذري ساري ويئي.

ٽاندن مان چڻنگون تيون پسڄن،
باهہ چون ٿا ناري ويئي.

سچ ٻُڏي غوطا کائي ٿو،
ڪوڙ جي ٻيڙي تاري ويئي.

ايندي ئي ڏوراپو ڏيندو،
نڪ موڙيندو جيءُ جهوريندو.

گهڙ ڏکيو آ مشڪل ڏاڍو،
طلسم سان ڦاسائي ويندو.

لڳي تو من کي ويجهو ويجهو،
سايا جهڙو سپنو ٿيندو.

ٻوڙي ٻوڙي ٿڪجي پوندو،
سهڪي سهڪي ساهہُ پٽيندو.

شؤنق بڻيو مجبوريءَ وانگر،
گل ڏسندو پيو سونهن تڪيندو.

”جگري“ دل جو درد بہ هاڻي،
راتيون رلندو گهٽيون ڪڇيندو.

چاهي پل ڪيڏو چاهيندو،
بي وفا ڪنھنجو ٿيو نہ ٿيندو.

پاڻ ٻڌيو پٿر بيٺو آ،
ڇا ونندو سو ڇا ڪجھہ ڏيندو.

سون سنگمر جا بُتِخانا،
ماڙيءَ تي ماڙي ٺاهيندو.

پوڇا پاٺ ۽ تلڪ لڳائي،
مالها پائي ڇت ڇوريندو.

”جگري“ فڪري ٻڌي پنندو،
ضد تي قائم آهي ڏنگيندو.

سونهن وارا تو تان دل قربان آهي،
ساڻ تون آهين نہ ڪو ارمان آهي،

چا چوان سنسار ۾ سڀ سور آهن،
تو بنا لاچار ٿيو گذران آهي.

ذات آهي تو ۾ ڪا موهي ڇڏڻ جي،
تون نہ ڄاڻين ٿو تہ ڪو حيران آهي.

شل ھجين درياھ وانگر تون سدائين،
جوت شرڌا جي جتي پروان آهي.

وات ويندي تون مليو آهين ديالو،
مون ڪيو ڪوئي وڏو دان آهي.

دل توسان آهي لڳي لڳي،
يارن ۾ هٺندس هاڻ ڪڳي.

مضبوط اِهوئي رشتو هڪ،
باقي سڀ آهي نڳي نڳي.

هلٽو جي اتس هلندي ڳاڏي،
هڪوار جي اُن جي ڪوڪ وڳي.

ڪنهن ڪي تہ ڪنارو پوڙي ٿو،
ڪا وچ لهرن مان تڳي تڳي

ٿوري ٿوري لب لالچ تي،
هرڪو ٿو ڪيڏي هٽي جهڳي.

رتبو بہ وڏيو عزت بہ ملي،
پر وسري ويئي ماءُ سڳي.

”جگري“ ٿو اجائي هام هٽي،
ڪا چيز نہ هنجي آهہ ڦبي.

پُڪاري پُڪاري چڙهي ويا مٿي چوٽ تي،
ڇڏي ضِد، لهي هيٺ آيا پرين، موٽ تي.

ٿيو ڪين ڪنهنجو سڳو ڀاءُ پنهنجو الا،
ميارون ڏجن پوءِ ڪهڙيون پرئين سؤٽ تي.

ڏنائين چندو ڪين اخبار جو ڳوٺريءَ جو ڪڏهن،
رڳو گهور گهوران وڃي ٿو ٻُڏي گهوٽ تي.

ڪندي ناز هيمو، ڪنور تي سڄي سنڌڙي،
ڪيو سِرُ مٿي مارئي تو عمر ڪوٽ تي.

سنڀالي هلو يار، هنڙي مٿان پٽ وڃي،
ڀروسو نہ آهي اڄوڪي وڏي نوٽ تي.

نهي ٿي، ڌهي ٿي بہ ڏون چار وانگر، سڄي،
وڪامي ٿي سرڪار ڪوڙي سچي ووٽ تي.

نہ سُڌري نہ بگڙي نہ ٿو جند ”جگري“ ڇڏي،
پُراڻو اِهو ٿوپلو ڪيئن ٺهندو نئين ڪوٽ تي !

نادان يار کان دوري ڇڳي،
ديش دروهيءَ لاءِ سوري ڇڳي.

ڳهر، پر ديشي گوري ميم کان،
پنهنجي ديشي ڪاري يا پوري ڇڳي.

مال مفت جا، وٺين ٿو ڇسڪا،
مرچ، بصر، ڊوڊو، موري ڇڳي.

لڄ حيا، شرم، پردو پل ٿُي،
ڀَل هجي، اِها مجبوري ڇڳي.

جدا ٿي هرڪنهن کيو وکاس پر،
پنهنجي سنڌ هئي سموري ڇڳي.

نکري ساهہ پسينو، پر اِها،
پياس لکڻ جي آ، آڌوري ڇڳي.

مون ڪئي جا، سا اجائي بندگي آ،
سچ نہ پُڇجو، هيءُ ڪھڙي زندگي آ.

حوصلو هر موڙ تي ٽٽندو رهي ٿو،
يار، ڏس ماحول ۾ ڇا گندگي آ.

هاڻي هنڙي ڇا ٿئي ٿو، ڇا ڏسان ٿو،
چاھَ ڪا مايوس ئي ويتر ڪندي آ.

هن تہ دُنيا تان ڪڇي ويو ڀروسو ئي،
هر خوشي ڪنھ موھ ۾ ئي ڦاسندي آ.

ناز، نخرا، سونھن، ماڻا، ماڻ ڀلي تون،
صرف جوڳيءَ وٽ فقيري سادگي آ.

ڇو اجائي آس ”جگري“ ٿو لڳائي،
زهر يا امرت، ملي ويندي خوشي آ.

چند شعرن کان سواءِ ڪجھ ڪين آهي،
چينَ، سُک مون وٽ اِها آسودگي آ.

٨- ”جگري“ ۽ جو وڏو جگر، وڏو ٿي اٿس ڀاڳ،
سڀ جو سوچيندو ڀلو، سڀ کي ڪندو سڄاڳ

٩- ڀانڪن جو ناهه پتو، گهڻا ساهتيڪار،
ڪُنڊ ۾ ويچارو ٻڏي، رُنا ٿي قلم ڪار.

١٠- توکي آ پرچائڻو، تو وٽ هئجي حجاب،
نيڻن ۾ آ ننڊ مني، هئجي دلڪش خواب.

١١- وڇوڙي ٻه ماري وڌو، چرخ ٿيو آ عقل،
اڄ دل ٿي دانهون ڪري، مُشڪ ڇپن تي نقل.

١٢- درد جو اٿس درياهه، ٻُڏو ٿئي وچ سير،
شوڪارا ڏڌڙا ڏڌا، ڇُپن ٿا جڻ ڪي تير.

١٣- ڇا ڪارڻ آ ايتري ٿي ٿئي آنڌ مانڌ،
بي ايماني آ ڪرڻ، جڻڪ ته تنهنجي رانڌ.

١٤- حرام جي دولت مان، کهڙو ٿيندو دان،
ٿبندو ڀيچ ٻه ڪو نه ڪو، وڌندو ڪونهي شان !

دوها

۱- وس لالچ ۽ لوڀ جي، ڏاڍو ٿيو لاچار،
حيوانن کان پڻ ٻُرو، هاڻ اٿس آچار.

۲- سياڻن کي سهٽو پوي، سدا صدق ۾ سور،
مورک رهندو آ سدا، رات ڏينهن مغرور
(قرب پيار کان دور)

۳- جي چاهين پايان پرين پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
مان مان ۾ ماندو رهين، لهي نہ سگهندين پاڻ.

۴- نظرون ڦيرائي لنگهين، ٿي پوندين نادان،
مونکي دل ۾ جاءِ ڏي، آهيان مان اِنسان.

۵- جهنگ جهر ڳولهي وڃين، نچندو آهي مور،
ڪئن ڪڻندا هڪ پيرسي جن جي من ۾ چور.

۶- ڦاٿو آهين موهہ ۾ ڪئن سڏبين اِنسان،
هيراڦيري ڪر پلي، بڻج نہ پر شيطان.

۷- سڏي سنواٿي ٿي لڳي، پر ڏرتي آ گول،
ڪيڏيون ٻرانگهون تو پرين، ظاهر آهي پول.



سچو نالو : شريچند هوندراج ڏُبي

جنم تاريخ اِستان : ١٩٥٥-١٠-١٢ جهوناڳڙهه.

سنڌ : خيرپور رياست (ڳوٺ مينگهو فقير شر) (وڏڙن جو)

ساهتيڪ عشائتون :

(١) بهادر راجڪمار (ٻال ناول ۽ ننڍيون ڪهاڻيون) ١٩٧٢

(٢) پيار جو پيغام (ناول) ١٩٧٨

(٣) دوست هجن ته آهڙا... (چئن دوستن جو گڏيل مجموعو) ١٩٨٣

(٤) ڪارو اَمرت (غزل سنگرهه ۽ دوها)٢٠٠٤

سرگرميون :

''گلابي گلزار'' (ٽماهي) ''ضيا'' (ٽماهي) جو سهه سمپادڪ.

سنڌي ساهتيه پرچار سڀا ۽ گجرات اڪاڊمي؛ پاران ڪيل مشاعرن جو ڪنوينر. مرڪزي اڪاڊمي؛ پاران ٿيل سيمينار جو ڪو ڪنوينر.

NCPSL پاران رکيل ڪهاڻي ورڪشاپ جو ڪنوينر

آڪاشواڻي راجڪوٽ، احمدآباد دوردرشن راجڪوٽ، احمدآباد ۽ آل اِنڊيا ريڊيو تان پروگرام پرسارت ٿيل.

Mayur Graphics (M) 98259 30411